# شهري

شهري براءِ سٺو ماحول

اپريل کان ڊسمبر 2015ع


شهري


CITIZENS FOR A BETTER ENVIRONMENT

ان ۾ ڪو به شڪ ناهي تہ شهرين جو هڪ
ننڍڙو طبقو جيڪو شعور رکندو آهي
اهو يقينن دنيا کي بدلي سگهي ٿو.
مارگريٽ ميڊ

# گليات جي قدرتي ماحول جي حفاظت ۽ تعميرات جي وچ ۾ توازن قائم ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي

**19 آگسٽ 2015ع تي گليات ڊيولپمينٽ اٿارٽيءَ 25 ملازمن کي ڊگهي وقت تائين غير حاضريءَ جي بنيادن تي نوڪريءَ کان برخواست ڪري ڇڏيو.**

ملازمن جي برطرفيءَ جي ٻن ڏينهن بعد راند ڪاتي، سياحت، ثقافت، آثارِ قديمہ ۽ نوجوانن جي امور جي سيڪريٽري/گليات ڊولپمينٽ اٿارٽي جي هڪ ڊائريڪٽر جنرل محمد اعظم خان جي هدايتن تي گليات ريجن ۾ هفتي جي صفائي مهم جي شروعات ڪئي وئي.




علائقي جي رهواسين ۽ متعلقہ ادارن جي ڀرپور حمايت سان ان مهم جو آغاز 21 آگسٽ تي ٿيو ۽ اختتام 28 آگسٽ تي ٿيو. انهيءَ دوران گليات جي ڪيترن ئي علائقن کي ڪِن ڪچري کان پاڪ ڪيون ويون.

(بقيہ 3 صفحي تي)

## اندروني صفحا


ڪراچي ۾ پاڻيءَ جو بحران ۷
پوليس سڌارن لاءِ حمايت ۽ آگاهي مهم ۹
بس ريپڊ ٽرانسپورٽ ۱۱
سال 2015ع ۾ شهري-سي بي اي جون ڪجهہ ڪاميابيون ۱۲
"انساني حق ۽ قانون جو نفاذ ۱۳
حقِ معلومات ورڪشاپ ۱۴
بلوچستان پوليس ٽريننگ ورڪشاپ ۱۵
پوليس ٽريننگ ورڪشاپ ۱٦
پروگرام مرتڪز ڪرڻ جي تربيت ۱۸
ڪراچي ۾ بلدياتي حڪومت جو مستقبل ۱۹
مڪاني سياست تي سيمينار 2015ع ۲۱
ڪراچي ۾ ٽرانسپورٽ جي خراب صورتحال ۲۲

شهري

88-R، بلاڪ2، پي.اي.سي.ايچ.ايس
ڪراچي 75400، پاڪستان
ٽيلي فون/فيڪس: 46 06 53 34-21-92+
E-mail: info@shehri.org
Url: www.shehri.org

ادارتي مشاورت: شهري-سي .بي .اِي ٽيم

انتظامي ڪميٽي:

چيئرپرسن: سمير حامد ڏوڌي
وائس چيئرپرسن: ڊيرڪ ڊين
جنرل سيڪريٽري: امبر علي ڀائي
خزانچي: عامره جاويد
ڪارڪنَ: نورالدين احمد، محمد علي رشيد، رولينڊ ڊي سوزا

باني ميمبرز:
نويد حسين، بيرسٽر قاضي فائز عيسيٰ
حميرا رحمان، دانش آذر زوبي
بيرسٽر زين شيخ، خالد ندوي، قيصر بنگالي

شهري اسٽاف:
ڪوآرڊينيٽر: سرور خالد
اسسٽنٽ ڪوآرڊينيٽر: ريحان اشرف
ڪو آرڊينيٽر: سرور خالد
اسسٽنٽ ڪو آرڊينيٽر: محمد ريحان اشرف
مينيجر ڪميونيڪيشن: ايس حمنہ مهوش القادري
اڪائونٽ ڪنسلٽنٽ: عرفان شاهہ
هيلپ ڊيسڪ اسسٽنٽ: يٿلين اليگزينڊر
آفس اسسٽنٽ: محمد طاهر
آفس بواءِ: خورشيد احمد
سيڪيورٽي گارڊ: محمد مجاهد

ليڪڪن جي ضرورت: اوهان بہ "شهري" جي لاءِ لکو.ان بابت معلومات لاءِ "شهري" جي دفتر سان رابطو قائم ڪريو.
ايڊيٽر/ادارتي عملي جي خبرنامي ۾ شايع ٿيندڙ مضمونن سان متفق هجڻ ضروري ناهي.

Production:
Saudagar Enterprises Group
Web: www.graphitework.com
www.thegridart.com
Ph: 021-34152970
Cell: 0333-2276331

مالي تعاون: فريڊرڪ نومان فائونڊيشن

## اداريو

# راندين جي سرڪاري ميدانن تي شاپنگ مالن جي تعمير نہ ٿي ڪري سگهجي!

**پلاٽ نمبر سيڪٽر-7، لائنز ايريا ري ڊيولپمينٽ پروجيڪٽ (لارپ)، پڪيڙ 24000 چورس وال ڪيس نمبر: ايس ايم سِي 2009/ 10 آگسٽ 2007ع کان آگسٽ 2015ع تائين)**

عدالت جو اهڙو فيصلو حاصل ڪرڻ ۽ ان معاملي کي صحيح انجام تائين پهچائڻ لاءِ ڪراچيءَ جي شهري ڊاڪٽر سيد رضا علي گرديزي ۽ شهري سِي بي اِي جا ٿورائتا آهن. مقدمي جي ڪارروائي جي دوران ڪراچيءَ جي شهرين جي شڪست جو عڪس طاري هو ۽ سندن دلين ۾ ذهنن ۾ مايوسي واري ڪيفيت هئي، تشدد ۽ موت جون ڌمڪيون هميشہ گردش ۾ رهنديون هيون، پر بهادر شهرين پنهنجو سفر جاري رکيو.
جن ماڻهن، تنظيمن ۽ ادارن ان ايراضيءَ کي حاصل ڪيو هو تن کي پختو يقين هو تہ طاقت ۽ وسيلن جي اگهاڙي اگرائيءَ سان هو ان کي والاري ويندا. شهرين وٽ صرف ڪردار جي مضبوطي، يقين، قانون، حقيقتون ۽ فوٽو ڪاپي مشين هيون. ڪوڙ ساريون فوٽو ڪاپيون تيار ڪيون ويون. گوگل تي نقشا ڳولهيا ويا. اهڙي ڀئي فيصلي تي بہ طرف ڪم ڪيو ويو. ان سان شهرين کي اُميد ٿي تہ طاقت صحيح نہ آهي. ۽ سچائي زنده رهي ٿي، ۽ ٻيو تہ انهن تمام ماڻهن، ادارن ۽ انجمنن کي جيڪي سرڪاري ايراضيءَ جي حفاظت نٿيون ڪن، کي بہ خبر پئي تہ هتي ڪي شهري آهن جيڪي آخري ماڻهو تائين سرڪاري جڳهن جي حفاظت لاءِ وڙهندا رهندا.
هن فتح جو ميناج ڪڙائيءَ ۾ تنهن وقت ٿيو جڏهن اسان ان جيت جي خوشي ملهائي رهيا هئاسين ۽ اقتدار وارين ڌرين پنهنجي لامحدود ذهانت جي پر ۾ هي ٻيو ڌوهہ ڪٽي ڪيو. انهن پي اي سي ايچ ايس بلاڪ-2 ۾ خالد بن وليد روڊ تي فٽپاٿ سان هڪ زرد لائن ڪڍي چائنا ڪٽنگ ڪري ورتو ۽ انهن بنا ڪنهن ڏکيائيءَ جي ان روڊ سان گڏوگڏ ڪار شورومن ۽ ٻين واپاري ادارن جو سرڪاري فٽپاٿ ۽ سرڪاري روڊ تي حق تسليم ڪري ورتو. شهري سي بي اي کي ناجائز قابضين کي ڏنل ان غير قانوني چوٽ تي ڏاڍو صدمو رسيو ۽ ان هڪ پيرو وري شهرين کي سرڪاري ايراضي کي واپس ڪرائڻ، سهڪار لاءِ هٿ ڊگها ڪرڻ ۽ جاکوڙ لاءِ تيار ڪيو. لڳي ٿو تہ شهري ڪڏهن بہ سک جو ساهہ نہ کڻي سگهندا!

Every effort has been made to ensure the accuracy of the contents of this publication. The author or the organization does not accept any responsibility of any omission as it is not deliberate. Nevertheless, we will appreciate provision of accurate information to improve our work.

Member of IUCN World Conservation Union

ان صفائي مهم جي ٻئي مرحلي ۾ علائقي جي ماحولياتي بحاليءَ لاءِ ڀهاريدارن کي ملازم رکبو. بحالي ۽ تحفظ جي مقصد ۾ چڱو سڏارو ڪرڻ لاءِ هڪ ڪلو ميٽر علائقو روزانو جي حساب سان صاف ڪرڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو. ان دوران ماحوليات جي بحاليءَ وارن قدمن جي سلسلي ۾ علائقي جي رهواسين ۽ سياحن جي مسلسل حمايت ۽ توجہ کي يقيني بنائڻ لاءِ هڪ آگاهيءَ واري مهم جو بہ آغاز ڪيو ويندو. صرف عيد جي ڏينهن مري ۾ ٻن لکن گاڏين جي داخلا ڪئي وئي. ان مان واضح طور گليات جي قدرتي ماحول تي پوندڙ اثرن جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ۽ انهيءَ ڳالهہ سبب علائقي جي ماحولياتي بگاڙ کي روڪڻ لاءِ قانون ۽ ضابطن جو نفاذ وقت جي اهم ضرورت بڻجي ويو آهي.

2009ع ۾ پاڪستان سپريم ڪورٽ ڦهلجندڙ ماحولياتي بگاڙ کي تسليم ڪندي "نيو مري منصوبو" جنهن ۾ علائقي ۾ اوچين اوچين عمارتن جي تعمير ۽ وڏي انداز ۾ ترقيات جو وعدو ڪيو هو، منسوخ ڪري ڇڏيو پر تڏهن بہ نہ رڳو واپاري سيڙپڪارن بلڪہ موجوده ۽ سابقہ آفيسرن، سياستدانن ۽ شهرين طرفان ننڍي پيماني تي خلاف ورزين جو سلسلو اڃان بہ جاري آهي.

**نيومري ڪيس-سپريم ڪورٽ جا حڪم**

28 جولاءِ 2009ع تي سپريم ڪورٽ آف پاڪستان نيو مري پروجيڪٽ جي مسئلي جو سوموٽو نوٽيس وٺندي ان کي ختم ڪرڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو. سپريم ڪورٽ جي ان حڪم ساڻ ئي نيو مري ڊولپمينٽ اٿارٽي تحليل ٿي وئي.

حڪومتِ پنجاب سپريم ڪورٽ کي نيو مري پروجيڪٽ جي بندش بابت واقف ڪرايو. سپريم ڪورٽ پنهنجي ريمارڪس ۾ چيو تہ نيو مري جهڙا منصوبا ماحوليات لاءِ خطرو آهن.

ايڊيشنل ايڊووڪيٽ جنرل پنجاب مطابق سپريم ڪورٽ جي حڪمن بعد 4111 ايڪڙ زمين ٻيلي کاتي کي واپس ڪئي وئي.

رٽ پٽيشن نمبر 347/2011

شمسي بلڊرز........ مدعي

حڪومت خيبر پختونخوا ۽ ٻيا........ مدعا عليہ

هڪ نجي ڪمپني شمسي بلڊرز 2011ع ۾ گليات ڊيولپمينٽ اٿارٽيءَ طرفان علائقي ۾ رائج قانونن ۽ ضابطن جي بنياد تي گليات ۾ تجارتي سهولت جي تعمير جي بنياد تي گليات ۾ تجارتي سهولت جي تعمير جي اجازت نہ ڏيڻ واري فيصلي جي خلاف هڪ پٽيشن داخل ڪئي. ڪمپنيءَ ٻين اهڙين ڪمپنين جي اهڙي ئي نوعيت جي تعميرات جي اجازت ڏيڻ سان ڀيٽ ڪندي گليات ڊولپمينٽ جي هڪ نيڪ نيتيءَ تي سوال اٿاريو. چاڪاڻ تہ شمسي برادرز طرفان منظوريءَ لاءِ پيش ڪيل منصوبو اهڙي ئي نوعيت جو هو. پشاور هاءِ ڪورٽ قومي احتساب بيورو ( NAB) کي بلڊر جي دعويٰ جي تحقيقات ڪرڻ جو حڪم ڏنو.

"پشاور هاءِ ڪورٽ روبرو نيب ( NAB) 42 مبينہ خلاف ورزين جي رپورٽ پيش ڪئي." شهري سي بي اي جي جنرل سيڪريٽري محترمہ امبر علي ڀائي، وڌيڪ يادگيري ڪرائي ٿي تہ "پشاور هاءِ ڪورٽ 20 سيپٽمبر 2014ع تي گليات ڊولپمينٽ اٿارٽيءَ کي انهن خلاف ورزين تي هڪ تفصيلي رپورٽ پيش ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو. جنهن جي نتيجي ۾ نٿا ڳلي / ايوبيہ ۾ بااثر ماڻهن طرفان ناجائز حددخلين هٽائڻ ۽ ڊِي ڊِي آءِ کي در پيش ٻين مسئلن جي رپورٽ جمع ڪرائي وئي".

دستاويز ۾ سياستدانن، ججن، اعليٰ سرڪاري آفيسرن ۽ ٻين جي طرف کان خلاف ورزين ۽ ناجائز حددخلين جي ڪيترن ئي ڪيسن جي نشاندهي ڪئي وئي، جن مان ڪن اعليٰ ترين عهديدارن جا نالا هيٺ ڏنل آهن.

| | | | |
|---|---|---|---|
| بيگ ڪلثوم نواز | (موجوده وزير اعظم محمد نواز شريف جي شريڪِ حيات) | اعظم خان | (ريٽائرڊ جسٽس) |
| ميان محمد اسلم بشير | (موجوده وزيراعظم محمد نواز شريف جو سوٽ) | جاويد عباسي | (اڳوڻو ميمبر قومي اسيمبلي) |
| سردار ادريس | (ميمبر صوبائي اسيمبلي، پاڪستان تحريڪ انصاف) | مسعود شاهہ | (اڳوڻو انسپيڪٽر جنرل پوليس) |
| عقل شاهہ | (سابق وزير سياحت) | هارون بلور | (وزير اعليٰ جو مشير) |
| آمنہ سردار | (ميمبر صوبائي اسيمبلي) | خالد خان | (اڳوڻو ڪمشنر) |

| علائقو | پلاٽن جي ڪل تعداد | ڪل الاٽ ٿيل ايراضي (ڪنال) | ناجائز اڏاوتون (فيصد) |
|---|---|---|---|
| نٿيا گلي | 101 | 3016ع174 | 30ع13 فيصد |
| نٿيا گلي بازار | 47 | 8515ع7 | 96ع44 فيصد |
| ڊونگا گلي | 25 | 0019ع35 | 65ع11 فيصد |
| گهوڙا ڍاڪا | 132 | 9787ع7 | 43ع6 فيصد |
| خانڏپور | 202 | 7487ع13 | 89ع 8 فيصد |
| چانگلہ گلي | 146 | 2510ع5 | 74ع10 فيصد |
| چانگلہ گلي بازار | 46 | 8262ع8 | 24ع 21 فيصد |
| خيرا گلي | 138 | 0512ع1 | 58ع 9 فيصد |
| خيرا گلي بازار | 16 | 0501ع0 | 83ع 4 فيصد |
| هڪ ڪنال= 20 مرلہ= 5492ع10042 مربع ميٽر 7889ع 12010 مربع گز= 1 ع 108097 مربع فوٽ | | | |
| هي تعداد ۽ ڳڻپ گليات ڊولپمينٽ اٿارٽي سروي کان حاصل ڪيو ويو آهي. | | | |

1. ARBAB MUHAMMAD ARIF (COMMISSIONER HAZARA DIVISION)
2. AMBER ALIBHAI (GENERAL SECRETARY SHEHRI-CBE)
3. JAVED AFZAL (WORLD BANK, ISLAMABAD OFFICE)
4. MUHAMMAD IBRAHIM (WWF, ISLAMABAD)
5. DR. MUHAMMAD BASHIR (DIRECTOR EPA)
6. SAIMA KHWAJA (ADVOCATE, LAHORE)
7. ENGINEER M. IJAZ MUNSHI (M.D. UMAR MUNSHI ASSOCIATES)
8. NAZAR HUSSAIN SHAH (D.G. KP GDA)

MEMBERS OF THE COMMISSION

*Mr. Roland Desouza, Member Managing Committee Shehri-CBE represented Mrs. Amber Alibhai during all meetings of the Commission*

پشاور هاءِ ڪورٽ 27 آڪٽوبر 2014ع تي پٽيشن نمبر 2011/348، سي او سي نمبر 2011/203 تحت اسٽي آرڊر ساڻ گليات ريجن ۾ خلاف ورزين جي تحقيقات ڪرڻ ۽ موجوده قانونن ۽ ضابطن ۾ خامين/ڪمزورين جي نشاندهي ڪرڻ لاءِ هڪ ڪميشن قائم ڪرڻ لاءِ حڪم جاري ڪيو. علائقي ۾ قدرتي ماحول جي تحفظ کي مضبوط ڪرڻ ۽ مستقبل ۾ انساني مداخلت جي سبب ٿيڻ واري ماحولياتي بگاڙ کي روڪڻ لاءِ پشاور هاءِ ڪورٽ پاران ڪميشن ۾ هيٺين ميمبرن کي مقرر ڪيو ويو (باڪس ملاحظہ فرمايو)

هن ڪميشن کي هيٺين مسئلن بابت 18ڊسمبر 2014ع تي هڪ رپورٽ جمع ڪرائڻ جو حڪم ڏنو ويو:

- گليات ماسٽر پلان جي هاٽوڪي مقام، مقصدن سميت، تياريءَ جي تاريخ، بعد ۾ ڪئي ويڄڻ واري ڪابہ ترميم ۽ ان جي خلاف ورزين جا تفصيل (جيڪڏهن ڪي هجن تہ)
- تعميراتي قائدن جو هاٽوڪو مقام ۽ ان جي خلاف ورزين جا تفصيل، نيب جي رپورٽ سميت ۽ جي ڊي آءِ جي جواب جي نشاندهي ڪئي ويل تمام 63 خلاف ورزين جي چنڊ ڇاڻ.
- ڇا ماسٽر پلان ۽ تعميراتي قائدا ماحول جي حساسيت کي مد نظر رکندي تيار ڪيا ويا؟ ڇا گليات ۾ ماحولياتي قانونن جي ضرورتن مطابق ترقياتي ڪم ڪيا ويا؟
- ماسٽر پلان ۽ تعميراتي قائدن ۾ موجود خامين/ڪمزورين جي شناخت، ڪاپي ۽ تحفظ لاءِ ترميمون پيش ڪرڻ ۽ گڏوگڏ علائقي ۾ پهرين ئي ٿيڻ واري ماحولياتي نقصان کي پورو ڪرڻ لاءِ اقدامات تجويز ڪرڻ.

ان ڏس ۾ شهري سي بي اي جي ميمبر رونالڊو ڊي سوزا آرگنائيزيشن جي طرف کان ڪميشن کي تجزيا ۽ سفارشون پيش ڪيون. ان ڪميشن جو پهريون اجلاس 14 نومبر 2014ع تي پاڪستان پشاور يونيورسٽيءَ جي فارسٽ انسٽيٽيوٽ ۾ ڪوٺايون ويون. في الوقت ڪميشن رپورٽ حتمي مسودي جي تڪميل واري مرحلي ۾ آهي.

هڪ جامع ۽ مستحڪم ماسٽر پلان جي غير موجودگيءَ ۾ ماحولياتي بحران کي حل ڪرڻ لاءِ حڪمت عملي تيار ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي پر تڏهن بہ ڪي بين الاقوامي ۽ قومي تنظيمون مثال طور ڊبليو ڊبليو ايف، قدرت جي بحاليءَ بابت بين الاقوامي يونين (IUCN) ۽ شهري- بابت بهتر ماحول جي تعاون سان بحاليءَ واريون ڪوششون جاري آهن.

## گليات ڊولپمينٽ اٿارٽي ( GDA) مشتمل آهي:


1. خيبر پختونخوا جي وزير اعليٰ يا ان پاران ڪوئي نامزد وزير
2. منسٽر انچارج
3. ايڊيشنل سيڪريٽري، پي اي اينڊ ڊي ڊپارٽمينٽ
4. سيڪريٽري، مالياتي شعبو
5. سيڪريٽري، ٻيلو کاتو جهنگلي ۽ آبِ حيات
6. سيڪريٽري، فزيڪل پلاننگ اينڊ هائوسنگ ڊپارٽمينٽ
7. سيڪريٽري، زراعت کاتو
8. سيڪريٽري، ڪميونيڪيشن اينڊ ورڪس ڊپارٽمينٽ
9. ڪمشنر هزاره ڊويزن
10. ڊائريڪٽر جنرل، خاص ترقياتي يونٽ بابت منصوبہ بندي بابت ماحوليات ۽ ترقيات
11. ڪوبہ فرد جنهن کي خيبر پختونخوا جو وزير اعليٰ مقرر ڪيو هجي.




سفيد نقطا نئيا گلي ۾ 2000 ع کان 2013ع جي وچ ۾ جهنگ جي نقصان کي ظاهر ڪندا آهن
(سيٽلائٽ تصوير بشڪريہ: عمران معين الدين)

خيبر پختونخوا جي حڪومت بہ ماحول/فطرت دوست سياحتي پاليسي تشڪيل ڏيڻ جي خواهشمند آهي. جنهن جو مقصد صرف سياحت مان گهڻي آمدني حاصل ڪرڻ نہ آهي پر سياحت جي صنعت کي مستحڪم ڪرڻ بہ آهي، صوبائي حڪومت 12 آگسٽ 2015ع تي گليات ۾ وڏيڪ 17 ريسٽ هائوس کي ٽوئرزم ڪارپوريشن خيبر پختونخوا جي حوالي ڪيو آهي.ٿوري ئي عرصي ۾ ريسٽ هائوس ڪارپوريشن جي خزاني ۾ 20 لک رپين جو اضافو ڪيو آهي. تنهنڪري ڪميشن آمدني پيدا ڪرڻ وارن ٻين ذريعن جو ڪاٿو لڳائي رهيو آهي تہ جيئن ترقيات ۽ استحڪام کي تقويٰ ملي.

Layout Map of Galiyat






ڪميشن جي تازه ترين مسودي ۾ ڏنل ڪي اهم سفارشون هيٺين ريت آهن.

1. ماحوليات جي ماهرين، شهري منصوبہ بنديءَ جي ماهرين، آرڪيٽيڪٽس ۽ ٻين متعلقہ ماهرن جي مشاورت سان ماسٽر پلان / ايراضي جي استعمال لاءِ منصوبي جي تياري.
2. گليات ڊولپمينٽ اٿارٽي (GDA) ايڪٽ 1996ع کي مستحڪم ۽ ماحول دوست ترقيات جي طرز تي آڻڻ لاءِ شهري انجمنن ۽ نجي ادارن جي ماهرن جي شموليت يقيني بڻائي وڃي.
3. ماسٽر پلان جي لوڪل گورنمينٽ ايڪٽ 2013 تحت تصديق ڪرڻ گهرجي.
4. ٽائون پلاننگ اسڪيمن جي ايراضي جي استعمال ۾ سائز منزل جي پڪيڙ جي تناسب، سهولتن ۽ انفراسٽڪچر جي تشريح ڪرڻ گهرجي.
5. گليات ۾ بيمارين ۽ آلودگيءَ جي ڦهلاءَ کي روڪڻ لاءِ جديد سيوريج سسٽم کي قائم ڪرڻ گهرجي.
6. سياحت جي اجازت ماحول کي نظر ۾ رکي ڏيڻ گهرجي. سياحن جي تعداد تي روڪ لڳائڻ گهرجي.
7. خطرناڪ عمارتن کي ڊاهي ڇڏڻ گهرجي ۽ باقاعده سيوريج سسٽم لڳائڻ جو حڪم ڏيڻ گهرجي يا پوءِ اهڙين عمارتن کي بند ڪرڻ گهرجي. ۽ مڪاني حڪومت کي ڪن ڪچرو ڪٺو ڪرڻ گهرجي.
8. ناجائز حددخلين ۽ قائدن جي خلاف ورزي ڪرڻ وارن کي عدالت جي ذريعي سزا ڏيڻ گهرجي.
9. جيستائين ناجائز حددخلين ۽ قائدن جي خلاف ورزين ڪرڻ وارن جي روڪڻ جو بندوبست نٿو ڪيو وڃي، تيستائين سمورين تعميراتن تي بندش لڳائڻ گهرجي.
10. خيبر پختونخوا ٻيلي ۽ وائلڊ لائف کاتن جي تعاون سان علائقي ۾ ٻيلن جو تحفظ ڪرڻ گهرجي.
11. هر سياح تي سو روپيو آلودگي چارج لاڳو ڪئي وڃي ۽ اها رقم تڏهن موٽائي وڃي جڏهن سياح ڪچري جو ٿيلهو متعلقہ ادارن وٽ جمع ڪرائي.
12. نظامِ حڪمرانيءَ ۾ شفافيت آڻڻ لاءِ سمورين اسڪيمن ۽ منصوبن کي اخبارن ۾ مشتهر ڪيو وڃي.
13. قانون شڪن شهرين سان نبرڻ لاءِ شڪايتي مرڪز قائم ڪيو وڃي.

هي رپورٽ گليات جي تحفظ بابت هڪ مثبت پيش رفت آهي. جيڪڏهن انهن سفارشن تي سنجيدگيءَ سان غور ڪيو ويو ۽ عدالتي حڪمن جي ذريعي انهن جو نفاذ ڪيو ويو تہ هي علائقو آمدني پيدا ڪرڻ جو هڪ مثالي ذريعو ۽ ايندڙ نسلن جي لاءِ ماحولياتي تحفظ جي اعليٰ مثال طور پيش ڪيو ويندو.

# ڪراچي ۾ پاڻيءَ جو بحران

## بحران جو اصل سبب حب ڊيم ۾ پاڻيءَ جي ڪمي نه پر واٽر سپلاءِ سسٽم جي خرابي آهي



پينل جي ميمبرن ۾ شهري جي ميمبرن، سياستدان، ڪي ڊبليو ايس بي جا اهلڪار، ليبر يونين ۽ ٽينڪر ايسوسي ايشن جا نمائنده شامل هئا

”ڪراچي ۾ پاڻيءَ جي کوٽ وارو بحران- سببن ۽ نتيجن“ تي ڪوٺايل سيمينار جي تلسل طور شهري-سي بي اي فريڊرڪ نومان فائونڊيشن جي ساٿ سان 4 جون 2015ع تي موون پڪ هوٽل ڪراچي ۾ ”ڪراچيءَ ۾ پاڻيءَ جو مسئلو“ جي موضوع تي هڪ پينل مباحثي جو اهتمام ڪيو.
مباحثي جو اصل مقصد غير موثر ۽ تباهه ٿيل واٽر سپلاءِ جي نيٽ ور ? جي مسئلي کي نروار ڪرڻ هو ۽ گڏوگڏ انهن بحران کي حل ڪرڻ لاءِ سياسي ۽ آفيسر شاهيءَ جي نيتن جو جائزو وٺڻ هو. ملڪ جي وڏين سياسي پارٽين کي هن مباحثي ۾ شريڪ ڪيو ويو ته جيئن اهي پاڻيءَ جي مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ پنهنجي منصوبه بنديءَ بابت ٻڌائي سگهن. سينيئر حڪومتي اهلڪار، سول سوسائٽيءَ جا ميمبر ۽ لاڳاپيل شهرين کي به مباحثي ۾ شرڪت جي دعوت ڏني وئي هئي.
شهري-سي بي اي جي جنرل سيڪريٽري امبر علي ڀائي ڪراچيءَ ۾ پاڻي جي مسئلي جو پس منظر بيان ڪيو. هُن هِن حقيقت تي زور ڀريو ته بحران جو سبب حب ڊيم ۾ پاڻيءَ جي کوٽ يا K3 / K4 منصوبن جو اڻ پورو رهڻ نه پر حقيقت ۾ ان جو اصل سبب مدي خارج ۽ اڌورو واٽر سپلاءِ نيٽ ورڪ آهي. وڌيڪ ته هن ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج بورڊ جي عيوضيءَ کان وضاحت ڀڻ گهري ته ڪيئن واٽر هائڊرنٽ (قانوني توڙي غير قانوني) پاڻي حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃن ٿا. جڏهن ته عام شهري ان سهولت کان محروم رهي ٿو. ان ڪانپوءِ هن پينل جي ميمبرن کان مطالبو ڪيو ته سياسي حساسيت جي پرواهه ڪرڻ ڪانسواءِ K3 /K 4 پراجيڪٽ کان سواءِ تڪڙا حل ٻڌائين چاڪاڻ ته پاڻيءَ جي فراهمي بنيادي انساني حق آهي.

شهري منصوبه ۽ شهري سي بي اِي جي ميمبر فرحان انور ورلڊ بينڪ، ايشين ڊولپمينٽ بينڪ ۽ جپان انٽرنيشنل ڪو آپريشن ايجنسيءَ طرفان پيش ڪيل سفارشن مطابق اداره جاتي سڌارن متعارف ڪرائڻ جي ضرورت تي زور ڀريو.



ورڪشاپ ۾ سينيٽر تاج حيدر جو ويڊيو پيغام به ڏيکاريو ويو

جپان انٽرنيشنل ڪو آپريشن ايجنسي جي تازي تحقيق مان اهو ثابت ٿي چڪو آهي تہ:

- 2025ع تائين ڪراچيءَ جي آبادي ڪي اندازن وڌيڪ 1200 ڪيوسڪ پاڻيءَ جي ضرورت پوندي، تنهنڪري ڪل ضرورت 2400 ڪيوسڪ پاڻيءَ تائين وڌي ويندي.
- سمنڊ جي پاڻيءَ کي صاف ڪرڻ وارا پلانٽ محدود ڪاپيدارن مثلن ڪراچي پورٽ ٽرسٽ ۽ پاڪستان اسٽيل لاءِ ڪارائتا ثابت ٿي سگهن ٿا، پر وڏي اندازِ ۾ ان جو لڳائڻ معاشي ۽ انتظامي طور تي نقصانڪار هوندو. سائبان جي چيئرمين تسنيم احمد صديقيءَ ڪي ڊبليو ايس بي کي درپيش مسئلن جو انڪشاف ڪندي "ڪراچيءَ ۾ پاڻيءَ جي بحران" تي هڪ تفصيلي جائزو پيش ڪيو. (ٽيبل ملاحظہ فرمايو). هن موجوده بحران کي حل ڪرڻ لاءِ هڪ فريم ورڪ ترتيب ڏيڻ تي زور ڀريو.

پروفيسر ڊاڪٽر نعمان احمد پنهنجي جائزي "ڪراچي ۾ پاڻيءَ جو بحران ۽ ڪجھ ممڪن حل" ۾ رٿ ڏني تہ ڊبليو ايس بي ايڪٽ 1996ع تي نظرثاني ڪرڻ گهرجي. ۽ پاڻيءَ جي بوتلن کي صفت جي نئين حيثيت ۾ شامل ڪرڻ گهرجي. هن پنهنجي هن راءِ جو بہ اظهار ڪيو تہ مقداري ميسر نظام جي لڳائڻ سان پاڻيءَ جي صارفن جي ادائگي ڪرڻ لاءِ حوصلہ افزائي ٿيندي.

انهن پيشڪش جي پڄاڻيءَ تي باقاعده پينل مباحثي جو آغاز ٿيو جنهن ۾ ايڊمنسٽريٽر ڊي ايم سي ايسٽ سيد صلاح الدين، آل ڪراچي واٽر ٽينڪر ايسوسيئيشن جي چيئرمين محمود شريف، ڪي ڊبليو ايس بي جي چيف انجنيئر شميم احمد، ايم ڪيو ايم جي صوبائي اسيمبليءَ جي ميمبر سيد خالد احمد ۽ پاڪستان تحريڪ انصاف جي صوبائي اسيمبلي ميمبر سيد حفيظ الدين شرڪت ڪئي. سينيٽر تاج حيدر جو وڊيو پيغام بہ حاضرين کي ڏيکاريو ويو. سمورا ماڻهو ان ڳالهہ تي متفق هئا تہ پاڻيءَ جي تازي بحران جي خاتمي لاءِ تڪڙن اپائن جي ضرورت آهي. ان ڏس ۾ هيٺيان حل رکيا ويا.

1. بئڪ فلور روڪڻ لاءِ پمپنگ اسٽيشن جي ڏينهن رات مدد لاءِ پاور جنريٽر ۽ ونڊ پاور جو لڳائڻ.
2. جديد پمپنگ اسٽيشن جو لڳائڻ.
3. ڪاڪردگي وڌائڻ لاءِ ٽيڪنيڪل عملي جي تربيت.
4. موجوده انفراسٽرڪچر جي سار سنڀال.
5. پراڻي انفراسٽرڪچر جي لاڳيتو تبديلي.
6. بد انتظاميءَ جي خاتمي لاءِ بدعنوان اهلڪارن ۽ سياستدانن خلاف آپريشن.

پنهنجي پڄاڻيءَ وارين ڳالهين ۾ شهري سي بي اي جي جنرل سيڪريٽري امبر علي ڀائيءَ چيو تہ واٽر اسپلاءِ جي نظام کي بهتر بڻائڻ لاءِ شهرين طرفان مسلسل ٽيندڙ مطالبو ئي آخري اميد آهي جنهن سان شايد مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ حڪومت ۽ نوڪر شاهيءَ تي دٻاءُ پئجي سگهجي. شهري سي بي اي اهڙن واسطيدار شهرين کي هي باقاعده فورم مهيا ڪندي جيستائين اِهو مسئلو حل ٿي وڃي.

**Table — Major Problems Identified by JICA Study**

| Major Problems | Symptoms |
|---|---|
| Poor conditions of water distribution system | ▫ Intermittent water supply<br>▫ High level of leakage<br>▫ Low system pressure<br>▫ Contamination<br>▫ Inequitable distribution |
| Lack of autonomy | ▫ High level of receivables<br>▫ Tanker supplies<br>▫ Illegal connections<br>▫ Low tariffs |
| Weak financial capacity | ▫ Delay in capital replacement<br>▫ Delay in system expansion<br>▫ Poor current maintenance<br>▫ Poor working environments (offices & equipment)<br>▫ Reliance on Government funding (OPEX and CAPEX) |
| Absence of measured supplies and volumetric charging system | ▫ Absence of system input metreing and retail supply metreing<br>▫ No incentives for efficient use of water<br>▫ No boundary of responsibilities for maintenance of service connections between KW&SB and its customers<br>▫ No means to estimate leakage and non-revenue water<br>▫ Negates the issue of illegal connections (retail users) |

# ”پوليس سڌارن لاءِ حمايت ۽ آگاهي مهم“

## شهري ـ سي بي اي جي انتظام هيٺ انڊس هوٽل حيدرآباد ۾ ورڪشاپ

شهري-سي بي اي هميشه پوليس اهلڪارن ۽ شهرين جي وچ ۾ ڪميونيڪيشن گيپ کي ختم ڪرڻ لاءِ پل اڏڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آهي. پوليس ۽ گڏوگڏ شهرين جي فلاح ۽ بهبود لاءِ پوليس ۾ سڌارا آڻڻ جي لاءِ شهري سي بي اي پوليس سان ڳالهين ڪرڻ لاءِ سول سوسائٽي جي ميمبرن، نوجوانن ۽ پيشيور ماهرن کي دعوت ڏني.

مباحثي جي شروع ۾ شهرين جي وچ ۾ ناڪاري تاثر ظاهر ٿيو. چاڪاڻ ته ٻنهي هڪ ٻئي جي خلاف تحفظات ۽ خدشن جو اظهار ڪيو.

”شهرين جو رويو اسان سان ڏاڍو اڏنگو هوندو آهي، جڏهن اسان کين قانون جي پوئواري ڪرڻ ۽ قانون کان پاسو ڪرڻ جو چئون ٿا ته هو اسان سان ٻه سهڪار ڪونه ٿا ڪن. جنهن ڪري مجبوري آ اسان کي سندن خلاف سخت قدم کڻڻا پون ٿا. کين سمجهڻ گهرجي ته اسان سندن تحفظ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون ۽ سندن بغاوت نه رڳو لڪين خطرن ۾ ٿي اڙائي پر ٻين شهرين ۽ پوليس جي زندگي کي به خطري ۾ وجهي ٿي!

سب انسپيڪٽر پوليس نجمه پروين ورڪشاپ ۾ شهرين سان ڳالهائيندي پنهنجي شڪايتن جو اظهار ڪيو.

جامشوري ۾ مقرر انسپيڪٽر شير بهادر آفريديءَ ان ۾ وڌيڪ اضافو ڪندي چيو ته ”شهري مبينه جوابدارن خلاف ايف آءِ آر نٿا ڪترائين ۽ قانون ۽ انصاف کي پنهنجن هٿن ۾ وٺڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. اهو لاڙو نه صرف قانون جي خلاف آهي پر عام شهرين لاءِ به خطرناڪ آهي. جيڪي قبائلي، عدالتي نظام جي خلاف گهڻا طاقتور نٿا هجن. ماڻهن کي ڏوهن جي رپورٽ درج ڪرائڻ لاءِ اڳتي وڌڻ گهرجي. اهو نه رڳو پاڪستان جي شهرت هجڻ طور سندن فرض آهي پر هر مذهبي ذميواري به آهي.

ٻئي پاسي شهرين ماڻهن سان پوليس جي رويي بابت شڪايتون ڪيون.

”پوليس اهلڪار بزرگن ۽ عورتن جي عزت نٿا ڪن. ان سان اسان جي ذهنن ۾ سندن خلاف منفي تاثر پيدا ٿئي ٿو. تنهنڪري شهرين لاءِ ڏوهه جي رپورٽ ڪرائڻ يا ساڻن رابطو ڪرڻ هڪ خوفناڪ خواب لڳي ٿو“!

عبدالله لانگاهه چيو ته اسسٽنٽ سب پوليس انسپيڪٽر فرزانه نور ان جو جواب ڏيندي چيو ته پوليس کي عام ماڻهن سان رابطي ڪرڻ وقت نرميءَ سان ڳالهائڻ گهرجي ۽ ماڻهن جي خدشن ۽ تحفظن تي ڌيان ڏيڻ گهرجي.

”سمورا پوليس اهلڪار رشوت خور نه آهن، مصيبت وقت پوليس اهلڪارن ئي منهنجي مدد ڪئي ۽ مون کي صحيح طور سندن شهرين جي تحفظ جي عزم جو اندازو ٿيو. هو صرف تڏهن به بدسلوڪي ڪن ٿا جڏهن ماڻهو سندن سامهون سندن توهين ڪن ٿا. سماجي بي مشاورت دوران پنهنجي خلان جو اظهار ڪيو. هن مشاورتي سيشن ۾ چاليهه ڄڻن شرڪت ڪئي.

## Police as Service for Citizens


1. Citizens are the paymasters and therefore the police are accountable to them.
2. Citizens are also responsible to facilitate the police in conducting their duties and protect them from pressures and influence.
3. A comprehensive complaint resolution mechanism should be present for police.
4. The budget for police should be reviewed and proper allocation should be done.
5. There should be fixed duty hours, proper salary structure and procedure and provision of facilities for police.
6. Stability of tenure is best practice for improved police performance.

**A Demand by the Citizens**
**by**
**Shehri-Citizens for a Better Environment**
88-R, Block-2, P.E.C.H.S., Karachi
Tel. (021) 34530646, 34382298,
Fax.34530646
Email.info@shehri.org Website:
www.shehri.org Facebook:
www.facebook.com / shehri.citizens
Twitter: @ShehriCBE



# ”پوليس سڌارن لاءِ حمايت ۽ آگاهي مهم“

## شهري - سي بي اي جي انتظام هيٺ 7 جون 2015ع تي لورڊيس هوٽل ڪوئيٽہ ۾ مشاورتي سيشن





بلوچستان گذريل ڪيترن ئي سالن کان دهشتگردي ۽ تشدد جي باهہ ۾ ٻري رهيو آهي، صوبي جا ڪيترا علائقا لاقانونيت واري ناسور جو شڪار ٿي چڪا آهن ۽ قانون لاڳو ڪرڻ وارا ادارا ان تشدد ورتل علائقن ۾ رياست جي رٽ برقرار رکڻ لاءِ پهرين کان ڪيترا ئي ڀيرا وڌيڪ ڪوششون ڪري رهيا آهن، رياست، قانون لاڳو ڪرڻ وارن ادارن ۽ ماڻهن جي وچ ۾ ڪميونيڪيشن گيپ بلوچ سماج جو اصل خطرو آهن. ان شديد ضرورت جو ادراڪ ڪندي شهري سي بي اي نہ صرف قانون جي حڪمراني آهي حمايت ڪرڻ بلڪہ معاشري جي سمورين ڌرين جي آزادي ۽ احتساب لاءِ ٽنهي اسٽيڪ هولڊرن جي وچ ۾ مشاورتي سيشن جو انعقاد ڪرايو.

ان مشاورتي جو بنيادي هدف ان ڳالهہ کي يقيني بنائڻ هو تہ جديد سماجي ضرورتن کي مدِنظر رکندي شهري، سول سوسائٽي ۽ پوليس گڏجي ڪم ڪندي پوليس سڌارن کي ڪم ۾ آڻين ۽ گڏوگڏ ان ڳالهہ کي بہ يقيني بڻائين تہ شهرين جو قانون جي حڪمرانيءَ تي اعتماد هجي ۽ گڏوگڏ هو علائقي ۾ امن امان برقرار رکڻ لاءِ پوليس آفيسرن جي حمايت ڪن.

ماڻهن کي پوليس سان سهڪار ڪرڻ گهرجي ۽ ڏوهارين کي پوليس جي حوالي ڪرڻ گهرجي پوءِ ڀلي تہ اهو سندن رسمن ۽ رواجن جي خلاف ئي ڇو نہ هجي. چاڪاڻ تہ ان سلسلي ۾ اسلامي قانون الائي واضح آهن. اسلام امن جي پيغام کي ڦهلائي ٿو. ۽ مسلمانن کي انهن اصولن جي پوئواري ڪرڻ گهرجي ۽ زمين ۾ فساد نہ ڦهلائڻ گهرجي، اهڙن خيالن جو اظهار اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر پوليس محمد امين ڪيو.

شهري سي بي اي جي رابطہ ڪار سرور خالد بہ ان مشاورت ۾ اضافو ڪندي چيو تہ اهڙين خطرنا ? حالتن ۾ بلوچستان پوليس جي شرپسندن جي خلاف جنگ لاءِ ڪين جس ڏيڻ گهرجي، جڏهن تہ ڪين ڏنل سهولتون اڻ پوريون پڻ آهن. اسان کي پوليس ۾ تڪڙن سڌارن جي ضرورت آهي، جيئن طبي سارسنڀال جي معيار کي بهتر ڪرڻ، چڱن هٿيارن جي فراهمي، جديد تعليم ۽ تربيت سندن وس ۾ ڪرڻ کي يقيني بنائڻ صرف اهڙي ئي صورتحال ۾ جديد تعليم ۽ تربيت توڙي هٿيارن سان جهنجهيل پوليس ئي سماج ۾ امن آڻي سگهي ٿي.

هڪ نوجوان شهري جو نظريو هو تہ پوليس کي اهڙن شهرين کي هيسائڻ نہ گهرجي جيڪي ڏوهاري سرگرمين ۾ ملوث نہ هجن. پوليس ۽ شهرين جو رويو هڪٻئي ڏانهن عزت وارو هئڻ گهرجي. اهڙي صورت ۾ ئي خوف ۽ ڪٽڪي واري حالت ختم ٿيندي، ان سان قانون کي جي لاڳو ڪرڻ واري مقصد کي پڻ ڏيڍ ملندو. نوجوان شهرين پنهنجي راءِ ڏيندي چيو تہ پوليس کي شهرين ڏانهن دڙڪن ڏيڻ بدران دوستانو رويو ڌارڻ گهرجي.



# بس ريپڊ ٽرانسپورٽ

## صرف انفرا اسٽرڪچر ڊولپمينٽ جو دور

وزيراعظم نواز شريف 4 جون 2015ع تي اميدن سان ڀرپور اسلام آباد، راولپنڊي ميٽرو بس سروس جو افتتاح ڪيو. وفاقي حڪومت کي هن ريپڊ ٽرانسپورٽ سروس جي لاڳت پنج لک ڊالر ادا ڪرڻي پئي ۽ ان جي ادائگي 13 مهينن ۾ ٿي. 23 ڪلو ميٽر جي ڊگهي رستي تي 168 ائير ڪنڊيشن بسون هلنديون جن ۾ تقريبن 13500 مسافر روزانو سفر ڪندا. اهي بسون خاص طور تيار ڪيل سگنل فري رستن تي هلائيبيون.





راولپنڊي: اسلام آباد ميٽرو بس اسٽيشن سيلاب جي وچ ۾ (8 جولاءِ 2015)

بدقسمتيءَ سان هن پراجيڪٽ جو ماحولياتي تخمينو نه لڳايو ويو جنهنڪري جيئن ئي چوماسي جي مينهن وفاقي دارالحڪومت جو رخ ڪيو پراجيڪٽ لاءِ تيار ڪيل رستا مينهن سان ٻيٺل پاڻيءَ جو منظر پيش ڪرڻ لڳا. بس اسٽيشنن جي ويجهو ڪوبه اهڙو رستو نه هو جيڪو مينهن جي پاڻيءَ سبب گڏ ٿيڻ واري ٻوڏ جي پاڻيءَ کي جذب ڪري سگهي. ان مان پراجيڪٽ جي ناقص منصوبه بندي نروار ٿئي ٿي. گڏوگڏ ان پراجيڪٽ جو ڍانچو اسلام آباد جي ماسٽر پلان کي به رد ڪري ٿو. جنهن ڪري ڪي ماڻهو ان پراجيڪٽ کي جديد شهر جي اک ۾ ڪنڊو سڏي ٿي.

وزير اعظم پاڪستان ميٽرو بس سروس جو افتتاح ڪرڻ وقت ڪراچيءَ ۾ به ميٽرو بس پراجيڪٽ جو اعلان ڪيو هو. وزير اعظم جي جوائنٽ سيڪريٽري صالح فاروقيءَ وزيراعظم ۽ وزير اعليٰ سنڌ جي وچ ۾ ٿيڻ واري هر ملاقات ۾ گرين لائن پراجيڪٽ جا تفصيل ڏنا. پراجيڪٽ 21 اسٽيشنن ساڻ 17.8 ڪلوميٽر ڊگهي رستي تي مشتمل هوندو. هن وسيلي هڪ ڏينهن ۾ 3 لک مسافر سفر ڪندا. (تجويز ڪيل سڙ ? هيٺ ڏنل تصوير ۾ واضح ڪئي وئي آهي) وزير اعظم پراجيڪٽ جي تيزي سان تڪميل لاءِ صوبائي حڪومت کي 18 ارب رپين جي منتقليءَ جي منظوري به ڏني پر تڏهن به هي ڳالهه غور قابل آهي ته ان پراجيڪٽ جي ڪل لاڳت 16 ارب رپيا آهي.

حڪومتِ پاڪستان جي وزارتِ مواصلات ڪراچيءَ ۾ قائم اِي آي ڪنسلٽنگ پرائيويٽ لميٽيڊ هن پراجيڪٽ کي تفصيل ڊزائن، تعميراتي نگراني، ماحولياتي اثرن جو تخمينو لڳائڻ ۽ ٻين مشاورتي خدمتن جو فرض انجام ڏنو آهي. ڪمپنيءَ 22 مئي 2015ع تي اسٽيڪ هولڊرن سان گڏ هڪ وسيع اجلاس ڪوٺايو جنهن ۾ شهري سي بي اي جي انتظامي ڪميٽيءَ جي ميمبر رولينڊ ڊي سوزا کي به دعوت ڏني وئي. اجلاس ۾ ماحولياتي ماهرن ڪمپنيءَ جي انتظامي آفيسرن سان پنهنجن خدشن جي متاستا ڪئي ۽ منصوبي جي فطرت دوست ۽ شهري دوست ڊزائنن جي رٽ ڏني. آگسٽ 2015ع ۾ پراجيڪٽ جي منصوبي تي وڌيڪ مشاورت لاءِ اجلاس پڻ متوقع آهي.

**Pakistan Metro Bus commutes 12,000 passengers/ hour**



# سال 2015ع ۾ شهري-سي بي اي جون ڪجھ ڪاميابيون

- ڊاڪٽر جميل احمد پي پي ايم، پي ايس پي، ڊپٽي انسپيڪٽر جنرل پوليس (ٽريننگ) سنڌ 26 جنوري 2015ع تي پنهنجي خط ۾ انساني حقن لاءِ شهري سي بي اي جي اعليٰ قدرن ۽ نصب العين ڪي ساراهيندي هن ڳالهہ کي تسليم ڪيو.
- جاويد علي مهر، پي ايس پي، ايس ايس پي/پرنسپل، پوليس ٽريننگ ڪاليج سعيد آباد ڪراچيءَ پنهنجي تاريخ 22 جنوري 2015ع واري خط ۾ پوليس ٽريننگ ڪاليج سعيد آباد انساني حقن جي ريويو لاءِ سنڌ پوليس سان سهڪار ڪرڻ ۽ شهري سي بي اي جي صلاحيتن ۽ قابليتن کي تسليم ڪيو. هن پوليس آفيسرن جي لاءِ ٽرينر جي تربيت جي ڪورس جو انعقاد ڪرائڻ ۾ شهري سي بي اي جي وڏيڪ سهڪار جي درخواست ڪئي آهي تہ جيئن سنڌ ۾ انساني حقن خلاف ورزين کي جيتري قدر ٿي سگهي گهٽايو وڃي.
- وزارتِ ماحوليات، حڪومتِ پاڪستان جي طرف کان مينگروز فار فيوچر (ايم ايف ايف) لاءِ نيشنل ڪو آرڊينيٽنگ باڊي (اين سي بي) شهري سي بي اي کي مسلسل هڪ باقاعده ميمبر مشتهر ڪيو ويو آهي، تنهنڪري هو پاڪستان جي شهرين لاءِ بهتر ماحول جي فراهميءَ ۾ سڌي طرح پنهنجو ڪردار نڀائي رهيا آهن.
- ايم ايف ايف ٽيڪنيڪل سب ڪميٽيءَ شهري سي بي اي جي ڪميونيڪيشن مينيجر سيده حمنہ مهوش القادريءَ کي پاڪستان لاءِ جينڊر فوڪل پرسن طور مقرر ڪيو آهي. سندس ڪم آءِ يو سي اين جي سمورن منصوبن ۾ منفي برابريءَ کي ممڪن بڻائڻو آهي.
- شهري سي بي اي جي ماسٽر ٽرينر هيڊ ڪانسٽيبل گل محمد (ڊسٽرڪٽ هرنائي، بلوچستان) شهري سي بي اي جي بندوبست هيٺ ڪوئٽہ ۾ 5 مئي 2015ع تي ڪوٺايل پوليس ٽريننگ ورڪشاپ ۾ شرڪت ڪئي. 12مئي تي واپسيءَ تي پوليس اهلڪار هن حقيقت جو احساس ڪيو تہ پوليس اسٽيشن ۾ نابالغ جوابدارن کي بالغ جوابدارن سان رکيو ويو آهي. هن جلد ئي ايس ايچ او سجاد احمد کي ٻڌايو ۽ نابالغ قيدين جي حقن کان واقف ڪرايو. جنهن بعد ايس ايچ او ترت نابالغ جوابدارن کي هڪ الڳ سيل ۾ منتقل ڪيو. بعد ۾ هيڊ ڪانسٽيبل شهري سي بي اي سان انهن نابالغ جوابدارن لاءِ قانوني مدد لاءِ پڻ رابطو ڪيو. گل مينا بلاول ۽ سرور خالد فوري طور تي پوليس افسر جو ايڊووڪيٽ وسيم سان رابطو ڪرايو. اسڪول سرٽيفڪيٽ حاصل ڪيا ويا ۽ انهن کي ايڊيشنل سيشن جج هرنائيءَ جي عدالت ۾ پيش ڪري ٻارن جي ٻن لکن رپين جي ضمانت منظور ڪرائي وئي.
- هيڊ ڪانسٽيبل گل محمد 13 مئي 2015ع تي ڊي پي او هرنائي جي اجازت سان انساني حقن، سي اِي ڊي اَي ڊبليو ۽ سي آر سي جي موضوعن تي پوليس اسٽيشن جي عملي، عدالتي عملي ۽ لائن عملي لاءِ رضاڪارانہ آگاهي سيشن ڪرايو. هن شهري کي لکيل پنهنجي خط ۾ شهري جا ٿورا مڃيا تہ هن ڪيس خاص حالتن ۾ مثلن ٻارن جي ڏوهن بابت بنيادي حقن ۽ ٻين حقن کان واقف ٿيڻ جي قابل بڻايو.



# ”انساني حق ۽ قانون جو نفاذ: ڏوهن جي جاچ“ اُٽيهون ورڪشاپ

## پوليس ٽريننگ ڪاليج، سعيد آباد ڪراچي (20 کان 23 اپريل 2015ع)




پوليس ٽريننگ ۾ آيل مهمان، ٽرينرز ۽ شهري سي بي اي جي موڊريٽرز سان گڏ (23 اپريل 2015ع) پي ٽي سي سعيد آباد، ڪراچي

شهري سي بي اي سنڌ پوليس لاءِ ”انساني حق ۽ قانون جو نفاذ: ڏوهن جي جاچ“ جي سلسلي جو اُٽيهون ورڪشاپ نيشنل اينڊوومينٽ فار ڊيموڪريسي، يو ايس اي جي سهڪار سان پوليس ٽريننگ ڪاليج سعيد آباد ۾ ڪوٺايو.

ايم سي ٽي جي چيف آپريٽنگ آفيسر محترمه فوزيه طارق، شهري سي بي اِي جي انتظامي ڪميٽي جي ميمبر خطيب احمد، اڳوڻي ايڊيشنل انسپيڪٽر جنرل (جاچ) سنڌ پوليس ظفر احمد فاروقي، اڳوڻو انسپيڪٽر جنرل سنڌ پوليس اسد جهانگير خان، اڳوڻو انسپيڪٽر جنرل سنڌ پوليس نياز احمد صديقي ۽ اڳوڻي قانون، انصاف ۽ انساني حقن بابت وزير بيريسٽر شاهده جميل ترتيبوار پوليس جي تربيتي ورڪشاپ ۾ حصو ورتو.

انساني حقن جي موضوع تي هن معلوماتي ورڪشاپ لاءِ انسپيڪٽر جنرل سنڌ پوليس جي آفيس طرفان قابليت جي بنياد تي گريڊ 14 ۽ ان کان هيٺين گريڊ وارن 20 اهلڪارن کي نامزد ڪيو ويو. ورڪشاپ جو بنيادي مقصد پوليس کي اسلامي جمهوريه پاڪستان جي آئين، گڏيل قومن جي انساني حقن واري پڌرنامي ۽ سنڌ پوليس جي اخلاقي ضابطي جي روشنيءَ ۾ انساني حقن جو احساس ڏيارڻو هو.

ورڪشاپ جي دوران جاچ جي جديد طريقه ڪار، ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجر 1898ع ۽ پوليس ايڪٽ 1861ع تي تفصيل سان روشني وڌي وئي. ورڪشاپ جي پڇاڙي سندن جي ورهاست واري تقريب سان ٿي.




ڊاڪٽر جميل پي ايم پي، پي ايس پي ڊپٽي انسپيڪٽر جنرل آف پوليس ٽريننگ ”انساني حق ۽ قانون جو نفاذ“ جي موضوع تي منعقد ورڪشاپ ۾ پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي (23 اپريل 2015ع)

# حقِ معلومات ورڪشاپ

## موون پڪ هوٽل، ڪراچي (25 اپريل 2015ع)

فريڊرڪ نومان فائونڊيشن جي سهڪار سان شهري سي بي اي سنڌ ۾ معلومات جي آزاديءَ واري قانون جي موضوع تي هڪ ڏينهن واري ورڪشاپ جو بندوبست ڪيو.

انهيءَ تربيتي ورڪشاپ ۾ سول سوسائٽيءَ جي اڳواڻن، يونيورسٽيءَ جي شاگردن ۽ پيشيور ماهرن کي دعوت ڏني وئي هئي.

ڊاڪٽر رضا علي گرديزيءَ جي انتظام هيٺ ڪوٺايل تعارفي سيشن ۾ شرڪت ڪندڙن کي حڪومت جي طرف کان معلومات جي انڪشاف جي اهميت بابت واقفيت فراهم ڪئي وئي. "ڄاڻ اوهان جو حق آهي. هن حق جي ذريعي توهان سرڪاري آفيسن جي اختيارين ۽ حڪومت کي ذميوار بڻائي سگهو ٿا. ان سان چور دروازن جي نشاندهي ٿي سگهي ٿي ۽ حڪومت کي بهتر ڪارڪردگيءَ لاءِ مجبور ڪري سگهجي ٿو. جتي ڪٿي به هو وسيلن کي مقرر ڪرڻ ۾ انتظامي معاملن ۾ سستي جو ارتڪاب ڪري رهي هجي.

ٻئي سيشن ۾ سنڌ آزادي معلومات ايڪٽ 2006ع تي ڳوڙهو بحث ڪيو ويو. جنهن ۾ ڊاڪٽر رضا علي گرديزيءَ آزاديءِ معلومات جي درخواست جي طريقيڪار، فيءَ، مقرر مدت تائين انتظار، ايڪٽ تحت ڏنل چوٽن، اپيل جي طريقيڪار ۽ نظام جي خرابين، جن سبب شفافيت آڻڻ لاءِ قانون سازي کي قطعي طور غير موثر ڪيو ويو آهي، جي وضاحت ڪئي، پر آزموده ڪار ماهر حقِ معلومات وارا ماهر حاصل ڪري ئي وٺن ٿا. توهان هميشه اهو حاصل نٿا ڪري سگهو جيڪي توهان گهرو ٿا، پر توهان کي اهو ته ڪڏهن به حاصل نه ٿيندو جيڪو توهان گُهرو ئي نه ٿا. تنهنڪري حڪمرانيءَ ۾ شفافيت آڻڻ لاءِ قانون جو استعمال ڪريو.

هن هڪ مضبوط حقِ معلومات قانون جي قانون سازي جي ضرورت جو به مطالبو ڪيو. جنهن مطابق آزاديءِ معلومات هڪ سهولت نه آهي، حڪومت شهرين کي ڏئي رهي آهي. اهو انهن جو حق آهي ڇو ته اهي سمورن سرڪاري اهلڪارن کي پگهارون ڏين ٿا. سپريم ڪورٽ جي ڪيترن فيصلن ۾ به ان جي نشاندهي ڪئي وئي آهي.


ڪل 104 شرڪت ڪندڙن هن ورڪشاپ ۾ شرڪت ڪئي ۽ آزاديءِ معلومات جي درخواست داخل ڪرڻ جو طريقو سکيو.




ڊاڪٽر رضا گرديزي سيني آيل مهمانن کي حقِ معلومات قانون (RTI) جي فائدن جي وضاحت ڪري رهيا آهن

# بلوچستان پوليس ٽريننگ ورڪشاپ (طريقيڪار 3 ۽ 4)

لورڊيس هوٽل ڪوئٽه (بتاريخ 5 ڪان 8 مئي 2015)




شهري سي بي اي پوليس جي تربيت جي طريقيڪار 3، ”مذهبي گهِرائي ۽ انساني حق“ ۽ طريقيڪار 4، ”عالمي پس منظر ۾ انساني حق“ جو 5 مئي کان 8 مئي 2015ع لورڊيس هوٽل، ڪوئٽه ۾ اهتمام ڪيو.

پراجيڪٽ جي مالي مدد ۽ حمايت نيشنل انڊومينٽ فار ڊيموڪريسي (NED) گڏيل آمريڪي رياستن ڪئي.

شهري جي ليڊ ٽرينر محترمه گل مينا بلال نه رڳو شهرن پر مبينه ڏوهارين ۽ جوابدارن جي انساني حقن جي احترام ڪرڻ جي ضرورت تي به زور ڏنو.

”جڏهن ڪنهن ڏوهاريءَ کي ان جي زندگي تبديل ڪرڻ جو موقعو ڏنو وڃي ٿو ته ڏوهن جي شرح هوريان هوريان گهٽائي ٿي وڃي. اهوئي سبب آهي جو جديد دنيا ”جيل“ واري اصطلاح جو استعمال رد ڪري ڇڏيو آهي ۽ سڌارن واري سهولت جي متبادل لفظ استعمال ڪرڻ کي رواج ڏنو آهي، دنيا جا سمورا مذهب انسانن کي بهتر زندگيءَ جي طرف رهنمائي ڪن ٿا ۽ پوليس کي به انهن کي ائين ڪرڻ جي اجازت ڏيڻ گهرجي، محترمه گل مينا بلال ورڪشاپ جي دوران پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو.

پوليس ٽريننگ ورڪشاپ ۾ تربيت وٺندڙن سب انسپيڪٽر راجه عبدالله، اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر محمد صغير، هيڊ ڪانسٽيبل نور الحق، هيڊ ڪانسٽيبل ولسن مسيح، سب انسپيڪٽر گل شاه، هيڊ ڪانسٽيبل رحمت الله، سب انسپيڪٽر عمر ڪوسو، سب انسپيڪٽر وحيد مگسي، هيڊ ڪانسٽيبل محمد اسلم، اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر جاويد اقبال، اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر محمد امين، هيڊ ڪانسٽيبل محمد سلام، سب انسپيڪٽر عزيز احمد، سب انسپيڪٽر آفتاب علي، هيڊ ڪانسٽيبل گل محمد، هيڊ ڪانسٽيبل گل زمان، هيڊ ڪانسٽيبل زمان، اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر جهانگير ۽ هيڊ ڪانسٽيبل اميد علي شامل هيا.

شهري سي بي اي جي انتظامي ميمبر خطيب احمد، مرڪز بابت امن ۽ ترقيات جي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر نصرالله خان ۽ سپارڪ (SPARC) جو ريجنل مينيجر هن ورڪشاپ جا پيا ٽرينر هئا.



انساني حقن جي ورڪشاپ جي ليڊي ٽرينر محترمه گل مينا بلال ۽ ماسٽر ٽرينر شهري سي بي اي انسپيڪٽر عمر ڪوسو هيڊ ڪانسٽيبل گل زمان کي تربيت جي پڄاڻيءَ تي سرٽيفڪيٽ ڏئي رهيا آهن (8 مئي 2015ع)


# پوليس ٽريننگ ورڪشاپ: حيدرآباد

انڊس هوٽل، حيدرآباد (9 کان 12 جون 2015ع)

ٽنڊوالهيار، دادو، مٽياري، ڄامشورو ۽ حيدرآباد کان سنڌ پوليس جي 19 اهلڪارن حيدرآباد ۾ ڪوٺايل ٽازي تربيتي ورڪشاپ ۾ حصو ورتو.

انسپيڪٽر زبير الاسلام، انسپيڪٽر، انسپيڪٽر شير بهادر آفريدي، سب انسپيڪٽر نجمہ پروين، سب انسپيڪٽر حليمہ تنيو سب انسپيڪٽر خالد ٻگهيو سب انسپيڪٽر ناصر نواب، سب انسپيڪٽر مظفر حسين، اسسٽنٽ سن انسپيڪٽر گلزار لغاري، اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر غلام قادر، اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر سنڌو بيگ، اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر بينظير جمالي، اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر غلام محمد ٻگهيو اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر نواب خان، اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر ظهير احمد سولنگي، اسسٽنٽ انسپيڪٽر فرزانہ نور، اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر اصغر علي جمالي، اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر زاهد جميل ۽ اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر جمشيد سومرو ٽريننگ ورڪشاپ ۾ تربيت حاصل ڪئي.




*Insight into Police Training Sessions and Speakers*

نياز احمد صديقي صاحب (سابق آءِ جي پي سنڌ) هڪ عظيم تجربيڪار ۽ مخلص رهبر آهي. سندس "سنڌ پوليس لاءِ انساني حق ۽ اخلاقي ضابطو" جي موضوع تي تربيتي سيشن ڏاڍو معلومات وارو هو. آءُ شهريءَ جو شڪر گذار آهيان تہ هن اسان کي انساني حقن جي ماهرن کان ايترو ڪجهہ سکڻ جو موقعو ڏياريو ورڪشاپ جي پڇاڙيءَ تي اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر اصغر علي جمالي پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو تہ

خاتون اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر سنڌو بيگ جو خيال هو تہ هن قسم جي ورڪشاپ جو ڪوٺائڻ پوليس اهلڪارن خاص ڪري عورت پوليس اهلڪارن لاءِ ڪوٺائبا رهجن، چو تہ انهيءَ سان سندن علم، اعتماد ۽ ڪارڪردگي ۾ اضافو ٿئي ٿو.

شهري سي بي اي جي نمائندگي سرور خالد ڪئي. جڏهن تہ رٽائرڊ ڊي ايس پي سنڌ جهان خان پٽي بہ پوليس جي سکيا وٺندڙن لاءِ ڪوٺايل زباني اجتماعي مباحثي ۾ موجود هو. ورڪشاپ جي پڇاڙيءَ تي سکيا وٺندڙ پوليس اهلڪارن کي سندون بہ ڏنيون ويون.

واضح رهي تہ شهري جي طرف کان 2007ع ۾ شروع ڪيل انساني حقن جي تربيتي پراجيڪٽ جي ذريعي هن وقت تائين تقريبن 1500 پوليس اهلڪار تربيت حاصل ڪري چڪا آهن.



# پوليس ٽريننگ ورڪشاپ: ڪراچي

## موون پڪ هوٽل-ڪراچي (1 کان 4 جون 2015ع)

**GUEST SPEAKERS**

1. Mr. Shamsuddin
   (Program Coordinator, HRCP)
2. Ms. Mehnaz Rahman,
   (Resident Director, Aurat Foundation)
3. Justice Retired Majida Rizvi
4. Mr. Niaz Ahmed Siddiki
   (Ex-Inspector General Sindh Police)
5. Mr. Iqbal Ahmed Detho
   (Human Rights Activist)

شهري-سي بي اي ڪراچيءَ ۾ پوليس ۽ شهرين جي طرف کان ڪيل آئيني خلاف ورزين جي مسئلي تي سنڌ پوليس جي اهلڪارن ۽ شهرين کي بحث ۽ مباحثي جي دعوت ڏني. جنهن جو مقصد انساني حقن بابت واقفيت کي ذهن نشين ڪرائڻ هو.

سنڌ پوليس جا 15 آفيسر سب انسپيڪٽر رانا وڪيل احمد، سب انسپيڪٽر شهلا ناز، سب انسپيڪٽر محمد شريف، سب انسپيڪٽر فضل احمد، سب انسپيڪٽر محمد فارس، سب انسپيڪٽر گل بانو، سب انسپيڪٽر شگفته زاهد، سب انسپيڪٽر ڏٽي بخش، اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر رانا نثارالحق، اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر افتخار حسين، اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر عبدالولي، اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر محمد اڪرم، اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر علي انور پتو اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر علي اڪبر ۽ پوليس ڪانسٽيبل آصف خان هيٺ ڏنل چئن طريقن جو تقابلي جائزو وٺڻ واري ان تربيت ۾ شرڪت ڪئي.




- انساني حقن بابت پاڪستان ۾ رائج سمورين متعلق پاليسين / ضابطن / قانون سازين جو تفصيلي جائزو.
- انساني حقن جو مذهبي پاسو ۽ ادراڪ.
- سماج جي غير محفوظ طبقن جا انساني حق.
- عالمي سياق و سباق ۾ انساني حق.



1_شمس الدين تربيت ڏئي رهيو آهي.
2_محمد علي سب انسپيڪٽر گل بانو کي سرٽيفڪيٽ ڏئي رهيو آهي
3_ جناب اقبال پوليس کي تربيت ڏئي رهيو آهي.



”شهرين کي ڏوهارين خلاف عدالت ۾ شاهدي ڏئي پوليس جي حمايت ڪرڻ گهرجي. ٻي صورت ۾ پوليس وٽ عادي ڏوهارين کي سندن حرڪتن کان روڪڻ لاءِ طاقت جو استعمال اڻٽر ٿيو ٿو وڃي. اهڙن خيالن جو اظهار پوليس ڪانسٽيبل آصف خان ورڪشاپ جي دوران ڪيو.

جڏهن ته اي ايس آءِ افتخار حسين جو خيال هيو ته پوليس اهلڪارن، دانشورن، سماجي ڪارڪنن، قاضين، وڪيلن ۽ سول سوسائٽي جي وچ ۾ وڌ کان وڌ مشاورت سان شهرين جي حقن جي حفاظت لاءِ هڪ مستحڪم طريقو تيار ڪرڻ ۾ مدد ملندي. شهريءَ کي هن پروگرام کي وسعت ڏيڻ گهرجي ته جيئن آئنده گهٽ ۾ گهٽ ٻيڻي تعداد ۾ پوليس اهلڪارن کي تربيت ڏئي سگهجي چاڪاڻ ته ڪراچي هڪ الاهي وڏو شهر ۽ تربيت ئي پوليس اهلڪارن کي انساني حقن جي پوئواري لاءِ تيار ڪري سگهي ٿي. پوليس آفيسر پنهنجي راءِ ڏني.

سمورن اهلڪارن کي آءِ جي پوليس جي آفيسر ميرٽ جي بنيادن تي نامزد ڪيو هو انهن پوليس اهلڪارن جو تعلق نارٿ ناظم آباد، تيموريه، ڊاڪس، ويمن سائوٿ زون، جيڪسن، درخشان، ايئرپورٽ، گڏاپ سٽي، سچل، سائٽ، پوليس هيڊ ڪوارٽر ۽ خواجه اجمير نگري پوليس اسٽيشن ۽ اينٽي وائلنٽ ڪرائم سيل سان هو.


# پروگرام مرتڪز ڪرڻ جي تربيت

## گرانڊ ريجنسي هوٽل، اسلام آباد (13 کان 16 جون 2015ع)

ايشيا فائونڊيشن ( TAF) يو ايس ايڊ (USA ID ) ۽ ٽرسٽ بابت جمهوري تعليم ۽ احتساب (Trust for Democratic Education and Accountability) جي مرضيءَ مطابق "شفاف ۽ احتسابي ميڪنزم کي مضبوط ڪرڻ لاءِ شهرين جو آواز" جي موضوعاتي احاطي تحت شراڪت ذارا انجمنن لاءِ هڪ چئن ڏينهن واري تربيتي پروگرام جو بندوبست ڪيو. ان تربيت ۾ 12 سول سوسائٽي جون انجمنون شامل هيون. جيڪي يو ايس ايڊ جي گرانٽ سائيڪل -7 حاصل ڪن ٿيون.

TDEA يو ايس ايڊ ( USAID) جو بنيادي شراڪت دار آهي. جنهن جو پرائمري مينڊيٽ صاف ۽ شفاف چونڊن واري عمل ۾ جمهوري احتسابن جي سمورين شڪلين کي مضبوط ڪرڻ آهي. جڏهن ته ايشيا فائونڊيشن هڪ ذيلي شراڪت دار آهي ۽ سول سوسائٽيءَ جي انجمنن جي عملي وسعت وڌائڻ ۾ هن جو ڪردار آهي.


اسلام آباد ۾ ڪرايل چئن ڏينهن واري تربيت جا هدف هيٺ ڏنل آهن.




يو ايس ايڊ شهرين جي آواز منصوبہ-منصوبي جا ٽي مرڪزي هدف آهن

- پراجيڪٽ جي سرگرمين جي ادائگي ۾ انهن سرگرمين جي ادائگيءَ ۾ انهن جي ڪردار جو ادراڪ.
- عوامي آواز ۽ احتسابي مئڪنزم، حقِ معلومات (RTI) حق تعليم ۽ حق خدمات کي جاچڻ
- حمايت تائيد ۽ لابنگ کي سمجهڻ ۽ پراجيڪٽ جي سرگرمين لاءِ اِن جو استعمال.
- استيڪ هولڊرن جي تجزين جي عملي مشق ۽ منصوبہ بندي پراجيڪٽ سرگرمين جامع عمل منصوبو

ان تربيت جي دوران صائمہ عديل شهري سي بي اي جي نمائندگي ڪئي.



# ڪراچي ۾ بلدياتي حڪومت جو مستقبل

## فريڊرڪ نومان فائونڊيشن جي ساٿ سان شهري-سي بي اي جي بندوبست هيٺ مشاورتي سيشن




شهري-سي بي اي 20 مارچ 2015ع تي ڪراچيءَ ۾ "بلدياتي حڪومت جي مستقبل" جي موضوع تي فريڊرڪ نومان فائونڊيشن جي ساٿ سان مووِن پڪ هوٽل ڪراچيءَ ۾ مشاورتي سيشن جو انتظام ڪيو.

شهري سي بي اي جي جنرل سيڪريٽري امبر علي ڀائيءَ شرڪت ڪندڙن جي آجيان ڪندي مڪاني حڪومت جي غير موجودگيءَ جي سبب ڪراچيءَ ۾ بگڙجندڙ مسئلن جي اپٽار ڪئي. هن حقيقت تي پنهنجي شديد تحفظات جو اظهار ڪيو تہ مڪاني چونڊون مسلسل ملتوي ڪيون پيون وڃن ۽ ڪراچيءَ جي موجوده انتظاميہ ڪراچي واسين کي بنيادي سهولتن مثال طور پاڻيءَ جي فراهمي، ڪن ڪچرو ڪڻائڻ جو بندوبست، پارڪن جي سارسنڀال ۽ رستن تي چتين لڳائڻ وارو ڪم ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي چڪي آهي.

شهري منصوبہ ساز فرحان انور قابلِ عمل مقامي حڪمرانيءَ لاءِ فريم ورڪ پيش ڪيو. هن ڪراچيءَ جي ڀيٽ آمريڪي شهر لاس اينجلس سان ڪندي نشاندهي ڪئي تہ ٻنهي شهرن جي خاصيتن ۾ هڪجهڙائي پڻ آهي. مثال طور ٻنهي شهرن کي گهڻي مفاصلي تان پاڻي آڻڻو پوي ٿو. ٻنهي شهرن ۾ بندرگاهون آهن ۽ ٻنهي شهرن کي شهري ڦهلاءَ وارو مسئلو پڻ آڏو آهي. ماڻهن جي خواهش مطابق ماليات ۽ انتظامي ڪم ڪار هلائڻ لاءِ ڪراچيءَ کي بہ لاس اينجلس خودمختيار شهر بڻايو وڃي. نہ ڪو صوبائي حڪومت ڪان هڪ مفلوج شهر.

"مرڪز ڪان مالياتي مدد تي ڀاڙڻ مستقل حل نہ آهي، ۽ اها احمقاڻي ڳالهہ آهي تہ ڪراچي جڏهن گهڻي دولت ڪمائڻ لڳندي تہ ٺٺي ويندي. ان جو لاس اينجلس جي ڊنگ جو هڪ سٺي ايڊمنسٽريٽر آفيسر هٿڻ گهرجي، جيڪو ماڻهن کي ووٽ حاصل ڪرڻ بعد پنهنجون مالياتي پاليسيون ٺاهي، فرحان انور پنهنجي راءِ جو اظهار ڪندي چيو

جمشيد ٽائون جي اڳوڻي ناظم خالد سعيد ڪراچيءَ جي شهرين تي ڀڳرن ڀڳرن ٽيڪسن تي پنهنجن خدشن جو اظهار ڪيو جيڪي هن جي فلاح ۽ بهبود لاءِ مڪاني حڪومت کي مهيا نہ ٿا ڪيا وڃن.

هن ڪرپشن جي خاتمي جي لاءِ ٽيڪنالاجيءَ جي استعمال جي رٿ ڏني ۽ ڪچرو ڪڻڻ وارين سمورين ٽرڪن ۾ ٽريڪٽر لڳائڻ وارو مثال پيش ڪيو.

جنهن ڪري معلوم ٿيو تہ گاڏيون پارڪنگ ايريا بہ ڪونہ ٿيون ڇڏين. مقرر هنڌن تي ڪچرو اڇلائڻ تہ پري جي ڳالهہ آهي انهن ٽريڪٽرز جي سبب ڊيزل جي مد ۾ 10 ڪروڙ روپين جي بچت ٿي.

پيپلز پارٽيءَ جي اڳواڻ سيد نجمي عالم پاڻيءَ جي مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ سمنڊ جي پاڻيءَ کي صاف ڪرڻ واري رٿ ڏني. جنهن تي سمورن ميمبرن سخت تنقيد ڪئي.ا مبر علي ڀائيءَ نشاندهي ڪندي چيو تہ سيوريج جو گندو پاڻي بنا صاف ڪئي. سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪيو ڪيو وڃي ٿو. جنهن جو مطلب ٿيو تہ سمنڊ جي پاڻيءَ کي صاف ڪرڻ وارو پلانٽ ڪنهن ڏورانهين علائقي ۾ لڳايو وڃي تہ جيئن صاف پاڻي حاصل ڪري سگهجي. جنهن ڪري ان تي ايندڙ خرچ ڪان تمام گهڻو اضافو ٿيندو.

ايم ڪيو ايم جي صوبائي اسيمبليءَ جي ميمبر سيد خالد احمد سنڌ حڪومت ۾ اقرباء پروري جي شڪايت ڪئي ۽ رٿ ڏني تہ پاڻيءَ جي مسئلي کي ختم ڪرڻ لاءِ K_IV واٽر سپلاءِ پراجيڪٽ جا فنڊز جاري ڪيا وڃن.

آخر ۾ فرحان انور مشاورتي سيشن جي نڪتن کي سهيڙيو ۽ امبر علي ڀائي حاضرين جا شرڪت ڪرڻ تي ٿورا ميڀا.

# حقِ معلومات ورڪشاپ

## انڊس هوٽل، حيدرآباد (7 جون 2015ع)

شهري سي شهري سي بي اِي فريڊرڪ نومان فائونڊيشن جي ساٿ سان "سنڌ ۾ آزاديءِ معلومات جو قانون" ۽ شهرين جي ذريعي ان جي استعمال کي وڌائڻ لاءِ 7 جون 2015ع تي هڪ ڏينهن واري ورڪشاپ جو انعقاد ڪيو.

سول سوسائٽي جي مختلف تنظيمن ۽ قانون لاڳو ڪرڻ وارن ادارن جا 45 ڄڻا ان ورڪشاپ ۾ شريڪ ٿيا.

شهري-سي بي اي جي آزاديءِ معلومات/حقِ معلومات پراجيڪٽ جي سربراهه ڊاڪٽر رضا گرديزيءَ آيلن کي "پاڪستاني آئين جي آرٽيڪل 19 اي" جي استعمال بابت آگاهه ڪيو.

پنهنجيءَ پيشڪش ۾ هن مضبوط حقِ معلومات سنڌ جو "سنڌ آزاديءِ معلومات بل 2006ع" کي ڪمزور قانون سان پيٽيندي فرق کي صحيح ريت واضح ڪيو جيئن ته بين الاقوامي حقِ معلومات جي ريٽنگ آرگنائزيشنن جا 150 مان 136 پوائنٽس آهن. هن زور پريو ته عوام جيترو ان قانون جو گهڻو استعمال ڪندو ايترو ئي حڪومت تي پنهنجي معاملن ۾ وڌيڪ شفاف رهڻ لاءِ دٻاءُ وڌندو. صوبي جي انتظامي ۽ سياسي معاملن ۾ هڪ پيري احتساب جو نظريو مضبوط ٿي وڃي ته سنڌ جو عوام ڪرپشن ۾ گهٽتائي ۽ ترقياتي ڪمن ۽ ڪارڪردگيءَ ۾ واضح واڌاري جو مشاهدو ڪندا. تنهنڪري هن قانون ۾ پاڪستان ۾ هر ڪنهن سان واسطيدار ۽ ڪارائتو آهي.

فريڊر ? نومان فائونڊيشن جي ايڊمنسٽريٽر محمد انور جو نقطهءِ نظر هو ته سٺي حڪمراني جو سڌو سنئون واسطو حقِ معلومات جي قانون جي آزادانه استعمال سان جڙيل آهن.

"حقِ معلومات جون درخواستون سرڪاري اهلڪارن کي پنهنجي ڪارڪردگي بهتر بنائڻ تي مجبور ڪن ٿيون ۽ منجهن سوالن ۽ احتساب جو خوف پيدا ڪن ٿيون. هو فنڊن کي خورد برد نٿا ڪري سگهن ۽ ڪوڙين مالياتي رپورٽن ذريعي جند ڇڏائي نٿا سگهن. ڪين هر شيءِ آن لائن رکڻي پوي ٿي. جنهن سبب هو هر وقت عوام جي نظرن ۾ هوندا آهن. اهڙي صورت ۾ جيڪڏهن هو بدعنوان ٿيندا ته اهو سندن لاءِ نقصانڪار آهي، برک شهري ۽ سرگرم ڪارڪن پنهنجي راءِ ڏين.

ورڪشاپ جي پڇاڙي آزادي معلومات/حقِ معلومات تي سوالن جي جواب واري سيشن بعد ٿيو سپاسنامو شهري سي بي اي تي ميمبر محمد ريحان اشرف پيش ڪيو.

ڊاڪٽر رضا علي گرديزي آزاديءِ معلومات تي سکيا ڏيندي




ورڪشاپ جا هدف هيٺ ڏجن ٿا.

- آئين پاڪستان شق 19 اي "حق معلومات RT I" بابت آگاهي ۽ علم وڌائڻ
- هن قانون کي استعمال ڪرڻ لاءِ موجوده نظام ۾ تبديليون آڻڻ بابت مهارت جي تعمير
- قانون جي قدر ۽ اهميت کي اجاگر ڪرڻ
- شهري-سي بي اي جي تيار ڪيل سنڌ حق معلومات ( RTI) بل جي مسودي تي بحث ڪرڻ



Ghulam Akbar Soomro | Junaid Dahri | Participant | Ali Hyder Shah | Shahzia Bhatti | Participant

# مڪاني سياست تي سيمينار

## بين الاقوامي اڪيڊمي بابت ليڊرشپ، جرمني (10 مئي 2015)

”ڪراچي ۾ رهندڙ ماڻهو صحيح نموني ڄاڻي ٿو تہ شهرين لاءِ مڪاني حڪومت جي ڪيتري اهميت آهي. اها ماڻهن ۽ شهري انتظاميہ جي وچ ۾ گڏيل عمل ۽ رابطي جو ذريعو آهي. اهو رابطو ڏاڍو ضروري آهي ڇاڪاڻ تہ اسان جي انتظاميہ بينڪيتي ذهنيت رکندڙ آهي ۽ اهڙي منظرنامي ۾ سياستدان ئي آهن، جيڪي بهتر پاليسين جوڙڻ جي وسيلي عوام جون خواهشون ۽ اميدون نوڪر شاهيءَ جي مزاج جي خلاف پيش ڪن ٿا. پر بدقسمتيءَ سان اسان جي ملڪ ۾ صوبائي حڪومتون مڪاني حڪومتن کي اختيار ڏيندي پاڻ کي غير محفوظ ٿيون سمجهن. ڪين ان ڳالهہ جو اندازو نہ آهي. نظام جي ناڪامي سان نہ صرف سندن ووٽ بئنڪ متاثر ٿيندي، پر فوجي آمريت جو رستو صاف ٿيندو. اجاين ڳالهين سبب چونڊون لاڳيتيون ملتوي ڪرايون وڃن ٿيون. ان پوري ڪيڏ ۾ سڀ کان وڏيڪ متاثر عوام ٿئي ٿو. جيڪي عوامي خدمتن جي ڪمي ۽ شهري سهولتن جي نہ ملڻ سبب موت جو بک بنجي وڃن ٿا. جنهن مان اهو سبق ملي ٿو تہ عوام کي مسئلا حل ڪرائڻ لاءِ دٻاءُ وجهڻ گهرجي. اهڙن خيالن جو اظهار سيده حمنہ مهوش القادريءَ ڪيو جنهن کي مقامي سياست ۽ شهرين جي شراڪت، سيمينار جي آن لائن مرحلي ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ بعد جرمنيءَ ۾ پاڪستان ۽ شهري سي بي اي جي نمائندگي ڪرڻ لاءِ چونڊيو ويو. ڪيس سيمينار جي ٻئين مرحلي ۾ پوري دنيا جي سياستدانن ۽ ماهرن سان مڪاني حڪومت تي خيالن جي اظهار لاءِ بين الاقوامي اڪيڊمي بابت ليڊرشپ گمر باخ، جرمني ۾ مدعو ڪيو ويو.



*Group Photo with MP Henning Hone at State Parliament of North-Rhine Westphalia*

پيٽرا پيبسٽ ۽ ڪيلي هيٽن اڪيڊميءَ جا مرڪزي ٽرينر هئا. پيٽرا پيبسٽ جرمنيءَ ۾ سياستدان هئڻ سان گڏوگڏ علمِ سياسيات جي بہ ماهر آهي جڏهن تہ ڪيلي هيٽن ڏکڻ آفريقہ جي ڪيپ ٽائون يونيورسٽيءَ ۾ ڪميونيڪيشن ۽ مارڪيٽنگ واري شعبي جي ڊپٽي ڊائريڪٽر آهي. ٽرينرن ۾ جرمني پرمان ڪائونسلر، ميئر، وفاقي ۽ صوبائي اسيمبلين جا ميمبر، مالياتي مينيجر، سياسي ڪارڪن ۽ ميڊيا جا پيشہ ور ماهر شامل هئا.


سيمينار جي شرڪت ڪندڙن لاءِ ملڪ جي سياحتي ٽوئر جو بہ بندوبست ڪيو ويو هو. ٽوئر ۾ تاريخي ۽ هاٽوڪن اهم ماڳن مقامن، مثالطور برلن وال، جرمنيءَ جي وفاقي پارليامينٽ، اتحاد کان اڳ واريون تازي چيڪ پوسٽون، جاچ ۽ اذيتن ڏيڻ وارا ڪئمپ ۽ ناٿ رهائن ويسٽ فيليا جي صوبائي پارليامينٽ جو سير بہ شامل هو.

سيمينار ۾ هيٺ ڏنل بنيادي نظرين تي بہ بحث ڪيو ويو.

- نئين سرڪاري انتظاميہ جو نظريو
- مڪاني حڪومتن لاءِ اصلاحي نظريات
- شراڪتي حڪمراني
- سڌ سماءَ وارا نوان ذريعا ۽ ڊجيٽل ڪميونيڪيشن
- مڪاني سياست
- سياسي پارٽين جا محرڪات
- مڪاني سياست ۾ سول سوسائٽيءَ جو ڪردار
- رابطي جون مؤثر حڪمت عمليون
- سڌ سماءُ وارا ذريعا ۽ سرڪاري مواصلات
- ليگل فريم ورڪ ۽ پاليسي ڊِولپمينٽ
- ملڪ جو خاڪو ۽ مڪاني حڪومتن تي ڪيس اسٽڊي
- سياسي مهم جي تشڪيل ۽ نفاذ

سيمينار ۾ حصو وٺڻ وارن سياستدانن ۽ سياسي ايڪٽيويشن کي سندن ڏيڻ واري گريجوئيٽنگ تقريب سان سيمينار پڄاڻيءَ تي پهتو.

# ڪراچيءَ ۾ ٽرانسپورٽ جي خراب صورتحال



*A view of the Exhibition on Transport System in Karachi.*

شهري -بابت بهتر ماحول فريڊرڪ نومان فائونڊيشن سان گڏجي آءِ اِي پي آڊيٽوريم ڪراچيءَ ۾ ”ڪراچيءَ ۾ ٽرانسپورٽ جي بگڙيل صورتحال“ جي موضوع تي سيمينار ۽ نمائش جو بندوبست ڪيو.

تقريب جو مقصد ڄاڻ پيدا ڪرڻ ۽ ڪراچيءَ ۾ ٽرانسپورٽ جي نظام کي سمجھڻ هو گڏوگڏ ان سان لاڳاپيل پيچيدا مسئلن کي حل ڪرڻ جي ضرورت جو تجزيو بہ ڪرڻ هو.

شهري-سي بي اي گذريل ڪيترن ئي ڏهاڪن کان ڪراچيءَ لاءِ ماس ٽرانسپورٽ نظام جي وڪالت ڪندي پئي اچي. 1997ع ۾ شهريءَ ڪراچي ٽرانسپورٽ ڪارپوريشن تحت 11_ رفاهي بس ڊپن جي غير قانوني ڪمرشلائزيشن جي خلاف هڪ عوامي احتجاجي ۽ دستخطي مهم هلائي هئي. سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ عوامي مفاد ۾ ڪيل مقدمہ بازي جي ذريعي پلاٽن کي رفاهي استعمال لاءِ بچايو ويو هو. ان قسم جي مقدمہ بازيءَ جي ذريعي سنڌ روڊ ٽرانسپورٽ ڪارپوريشن جي سنڌ جي ٻين مختلف شهرن ۾ قائم 15 بس ڊپن کي بہ بچايو ويو هو. انهن پلاٽن کي هن وقت تائين ٽرانسپورٽ بابت خدمتن لاءِ ئي استعمال ڪيو پيو وڃي.

شهري2007/2008ع ۾ ميگا سٽي پراجيڪٽ لاءِ ايشين ڊِولپمينٽ بينڪ طرفان ڪوٺايل منصوبہ بندي سيشنن ۽ شهرين جي راءِ تي ٻڌل مطالعن ۾ بہ سرگرم رهي جن کي شهري حڪومت (ايم ڪيو ايم) ۽ صوبائي حڪومت (پ پ پ) جي ڇڪ ڇڪان سبب ترڪ ڪيو ويو. ويجهي ماضيءَ ۾ بس ريپڊ ٽرانسپورٽ (بي آر ٽي) جي اسٽئڪ هولڊرن جو اجلاس شهريءَ جي آفيس ۾ ڪوٺايو ويو. انسٽيٽيوٽ فار ٽرانسپورٽيشن ڊِولپمينٽ اينڊ پاليسي ماهر انڊونيشيا مان يوگا انديو نارتو ڪراچي ماس ٽرانزٽ سيل جي اڳوڻي ڊائريڪٽر جنرل ملڪ ظهير الاسلام، آرڪيٽيڪٽ شهاب غني خان، آرڪيٽيڪٽ حسنين لوٿيا، آرڪيٽيڪٽ رميز بيگ، آرڪيٽيڪٽ عارف بلگرامي شهري جي چيئرپرسن سمير حامد ڏوڊيءَ شهري جي جنرل سيڪريٽري امبر علي ڀائي، شهري جي انتظامي ڪميٽيءَ جي ميمبر رولينڊ ڊي سوزا ۽ شهري جي ميمبر ڊاڪٽر رضا گرديزيءَ سان ملاقات ڪئي ۽ هٿ ٺوڪين آر ٽي پلان جي نفاذ بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪئي.

شهري-سي بي اي جي چيئرپرسن سمير حامد ڏوڊيءَ شرڪت ڪندڙن کي شهريءَ سان متعارف ڪرايو ۽ ٽرانسپورٽ جي رفاهي پلاٽن کي ناجائز قبضن ڇڏائڻ واري ٽيم جي ڪاوشن تي روشني وڌي. هن سرڪاري ملڪيتن جي تحفظ جي ضرورت تي بہ زور ڀريو تہ جيئن انهن کي نون دڳن



*Chairperson Shehri*
*Mr. Sameer Hamid Dodhy*

بدلائڻ کي يقيني بڻائي سگهجي. جنهن سان شهرين جي اچ وڃ آسان ٿي وڃي.

شهري-سي بي اي جي انتظامي ڪميٽيءَ جي ميمبر رولينڊ ڊي سوزا هن ورڪشاپ جي ميزبانيءَ جا فرض انجام ڏنا. هن زور



*Executive Member Shehri Mr. Roland deSouza addressing the audience*

پريو ته شهر سَستن ماس ٽرانسپورٽ سسٽم کان سواءِ موثر نموني ڪم نٿا ڪري سگهن. هن نظام سان شهرين کي ڪم، اسڪول، تفريحي ۽ روزمره زندگيءَ جي ٻين مصروفيتن لاءِ اچ وڃ ۾ سهولت ملي ٿي. هي ملڪي معيشيت جي خدمت ڪن ٿا. چاڪاڻ ته انهيءَ سان ماڻهن کي اچ وڃ جو سستو ذريعو ميسر ٿئي ٿو ۽ نتيجي ۾ پيٽرول جي امپورٽ تي خرچ ٿيڻ وارن حڪومتي خرچن ۾ ڪمي اچي ٿي.

هن موقعي تي تاريخي حقيقتن تي به بحث ڪيو ويو. آرڪيٽيڪٽ ۽ شهري منصوبه ساز عارف حسن ڪراچيءَ ۾ ٽرانسپورٽ جي تاريخ تي هڪ تفصيلي مقالو پيش ڪيو. اها ڳالهه خاص طور نوٽ ڪئي وئي ته شهر وٽ شروع کان هڪ ماس ٽرانزٽ سسٽم موجود هو. بسون، ٽرامون، ٽيڪسي، سائيڪل ۽ موٽر رڪشا وغيره 70 واري ڏهاڪي تائين ماڻهن کي اچ وڃ لاءِ سستي سهولت فراهم ڪندا هئا. ناقص منصوبه بندي، وڏي پيماني تي هجرت، آباديءَ جو وڏي پيماني تي ڦهلاءُ، ٽرانسپورٽ ادارن جي تحقيق ۽ شهر ۾ انتظاميه جي ڪرپشن ۽ سياسي ڌڙا بندي پوءِ زوال شروع ٿيو 1974ع ۾ ٽرامن کي بند ڪيو ويو ۽ ان جي متبادل طور وعدو ڪيو ويو ته زير زمين ميٽرو سسٽم ٺاهيو ويندو جيڪو اڄ تائين نه پاڙيو ويو.

شهري ٽرانسپورٽ ماهر ۽ منصوبه ساز ظهير الاسلام، اڳوڻو ڊائريڪٽر جنرل ڪراچي جي ارتقاء ماس ٽرانزٽ سيل بس ريپڊ ٽرانزٽ سسٽم تي خاص طور زور ڀريندي ماس ريپڊ ٽرانزٽ سسٽم جي ارتقاءَ تي ڳالهايو. هن چيو ته بي آر ٽي سسٽم هڪ خوشگوار عطيو ٿي سگهن ٿا. چاڪاڻ ته ان کي ويڪري بس لاءِ رستا، تيز رفتاري سان مسافرن جو لهڻ چڙهڻ، صاف سٽرين ۽ آرامده بس اسٽيشنون مهيا ٿي سگهنديون. "ڏگهي رستي جهڙيون لنبيون بسون هڪ ڪلاڪ ۾ 45000 مسافرن کي سندن منزلِ مقصود تائين ڪٽي وڃي سگهنديون ۽ اهو ڪراچيءَ جهڙي وڏي شهر لاءِ مثالي هوندو". ظهيرالاسلام شرڪت ڪندڙن جي معلومات ۾ اضافو ڪيو. اين اي ڊي يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي جي آرڪيٽيڪچر پلاننگ ڊپارٽمينٽ جي چيئرپرسن پروفيسر ڊاڪٽر نعمان احمد لياري ايڪسپريس وي (50 في سيڪڙو ڪار آمد) ناردرن باءِ پاس (صرف به لائنون تيار ڪيل) جهڙين اڌورين اسڪيمن ۾ بسن لاءِ سگنل فري شاهراهن جي اڻ هوند بابت ڳالهايو. ڪراچيءَ جي شهرين جي ٽرانسپورٽ جون تڪليفون ختم ڪرڻ لاءِ منصوبه بند پراجيڪٽ کي فوري طور مڪمل ڪرڻ گهرجي. هن تبصرو ڪيو-

مشاورت جي پڄاڻيءَ شهري-سي بي اي ڪميٽي جي ميمبر نورالدين جي خطاب سان ٿي، هن سينيٽر تاج حيدر ۽ ٻين سمورن شرڪت ڪندڙن جا ٿورا مڃيا ۽ ڪين درخواست ڪئي ته اهي اڳتي اچن ۽ شهرين جي مفادن جي تحفظ لاءِ شهري سي بي اي ۾ شامل ٿين.



*Senator Taj Haider attended the seminar on "Transport dilemma of Karachi"*

# شهري جو تعارف




شهري- بابت بهتر ماحول، ڪراچيءَ جي بنيادن تي هي رضاڪارانہ تنظيم آهي جنهن کي متعلقہ شهرين پنهنجي خدشن کي اجاگر ڪرڻ ۽ پاڪستان خصوصن ڪراچيءَ جي ماحول کي تعمير ڪرڻ لاءِ قائم ڪيو هو.

## شهري-بابت بهتر ماحول کي ڪير ٿو هلائي؟

هي رضاڪارانہ انتظامي ڪميٽي جنهن کي جنرل باڊي ذريعي ٻن سالن لاءِ چونڊيو وڃي ٿو جيڪي ڪليل ۽ جمهوري اصولن تي انتظامي معاملن کي اڪلائي ٿي. ميمبرشپ سيني خاص عام لاءِ کليل آهي، جيڪو تنظيم جي هدفن ۽ مقصدن سان متفق آهي،

## شهري لاءِ رضاڪارن جي ضرورت لکو

شهري جا مختلف منصوبا، هيٺ ڏنل ڇهن ذيلي ڪميٽين جي ذريعي هلايا وڃن ٿا.

- آلودگيءَ جي خلاف
- ميڊيا ۽ ٻاهريان رابطا (نيوزليٽر)
- قانوني (غير قانوني عمارتون)
- ورثن جي حفاظت (پراڻيون عمارتون)
- پارڪ ۽ تفريح
- مالي حصول

## شهري-بابت بهتر ماحول جو سنگِ بنياد رکڻ وارا معززين

شهري- بابت بهتر ماحول جو قيام عمل ۾ آڻڻ وارن ۾ دانش آذر زوبي، ڊاڪٽر قيصر بنگالي، حميرا رحمان، بيريسٽر قاضي فائز عيسيٰ، بيريسٽر زين شيخ، نويد حسين ۽ خالد ندوي شامل آهن.

## اوهان بہ شهري- بابت بهتر ماحول ۾ شامل ٿي سگهو ٿا:

توهان ساليانی ميمبرشپ في جي ادائگي ڪري بحيثيت ميمبر شهري -بابت بهتر ماحول ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. توهان هيٺ ڏنل معاملن ۾ رضاڪار طور بہ خدمتون انجام ڏئي سگهو ٿا ۽ قانوني معاملا ميڊيا ۽ ٻاهريان رابطا، ماحولياتي جدوجهد، هٿيارن کان پاڪ سماج، ثقافتي ورثي جي ماڳن جو تحفظ/بحالي-مالي حصول ۽ حق معلومات جي مهم.

## شهري جي ميمبرشپ:

2016ع لاءِ پنهنجي ميمبرشپ جي تجديد ڪرائڻ نہ وسارجو.

”شهري-سي بي اِي“ ۾ شرڪت ڪريو ۽ هڪ سٺي شهري طور هن شهر کي صاف رکڻ، صحت بخش ۽ ماحول دوست ماڳ بنائڻ لاءِ جدوجهد ڪريو

## شهري ۾ شامل ٿي وڃو

هڪ بهتر ماحول بڻائڻ لاءِ
مبلغ -/1000 روپيہ جي
ڪراس چيڪ تحت
(سالانہ ميمبرشپ فيس)
نالي: شهري-سي بي اِي
پاسپورٽ سائز فوٽو سان گڏ
هنڌ: R-88 بلاڪ 2، پي اي سي ايچ
ايس، ڪراچي-75400
ٽيليفون/فيڪس: 92-21-3453-0646

نالو: ______________________

ٽيليفون (گهر) ______________________

ٽيليفون (آفيس) ______________________

هنڌ: ______________________

پيشو ______________________